# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 2011

# SINDH ACT NO.XX OF 2011

# ٿر ڪوئلو ۽ توانائي بورڊ ايڪٽ، 2011

# THE THAR COAL AND ENERGY BOARD ACT, 2011

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

حصو_I

شروعاتي

Part_I

Preliminary

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصفون

Definitions

حصو_II

بورڊ جو قيام، اختيار ۽ ڪم

Part_II

Establishment, Power and Functions of the Board

3.بورڊ جو قيام، اختيار ۽ ڪم

Establishment, Powers and Functions of the Board
4.بورڊ جي ميمبرشپ
Membership of the Board
5.بورڊ جا ڪم
Functions of the Board
حصو_III
بورڊ جا عملدار ۽ عملو
Part_III
Officers and Staff of the Board
6.عملدار ۽ عملي جي ملازمت
Employment of Officers and Staff
7.بورڊ جي مئنيجمينٽ ۽ سيڪريٽريٽ
Management and Secretariat of the Board
حصو_IV
فنڊ
Part_IV
Fund
8.بورڊ جو فنڊ
Fund of the Board
9.اڪائونٽس جي مينٽيننس
Maintenance of Accounts
10.آڊٽ
Audit
11.رهتن جي بازيابي
Recovery of dues

حصو_V

متفرقات

Part_V

Miscellaneous

12.دائره اختيار تي پابندي

Jurisdiction barred

13.ضمانت

Indemnity

14.اوور رائيڊنگ گنجائشون

Overriding Provisions

15.ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make regulations

16.قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

17.تحفظ

Saving

18.رنڊڪون هٽائڻ

Removal of Difficulties

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 2011

# SINDHACT NO.XX OF 2011

# ٿر ڪوئلو ۽ توانائي بورڊ ايڪٽ، 2011

# THE THAR COAL AND ENERGY BOARD ACT, 2011

[6 جولاءِ 2011]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ٿر ڪوئلو ۽ توانائي بورڊ قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ ٿر ڪوئلو ۽ توانائي بورڊ قائم ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل يا جڙيل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

حصو_I
شروعاتي
Part_I
Preliminary

## حصو_I

## شروعاتي

## Part_I

## Preliminary

مختصر عنوان ۽ شروعات

1.(1) هن ايڪٽ کي ٿر ڪوئلو ۽ توانائي بورڊ ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

Short title and commencement

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي:

(a) "بورڊ" مطلب دفعه 3 تحت قائم ڪيل ڪوئلو ۽ توانائي بورڊ؛

(b) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(c) "ڪوئلو" مطلب زمين جي سطح هيٺ جڙيل معدنيات ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪوئلي جي ڪاٽين جو اينٿراسائٽ، بٽومينس ڪوئلو سب بٽومينس ڪوئلو ۽ لگنائٽ؛

(d) "ذخيرو" مطلب صوبي ۾ قدرتي طور تي يا مصنوعي طور موجود ڪوئلي جو ڪو ذخيرو جنهن جو مالياتي فائدو وٺي سگهجي ٿو؛

(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب بورڊ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر؛

(g) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(h) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطن يا قاعدن تحت بيان ڪيل؛

(i) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(j) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

(k) "ٿر" مطلب ضلعن ٿرپارڪر، عمرڪوٽ ۽ ميرپورخاص تي مشتمل علائقو.

## حصو-II

| | |
|---|---|
| حصو_II<br>بورڊ جو قيام، اختيار ۽ ڪم<br>Part_II<br>Establishment, Power and Functions of the Board | **بورڊ جو قيام، اختيار ۽ ڪم**<br>**Part_II**<br>**Establishment, Power and Functions of the Board** |

بورڊ جو قيام، اختيار ۽ ڪم

Establishment, Powers and Functions of the Board

3.(1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي بورڊ قائم ڪندي، جنهن ڪي ٿر ڪوئلو ۽ توانائي بورڊ سڏيو ويندو.

(2) بورڊ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر سان گڏ ڪا بہ ملڪيت ٻئي متحرڪ يا غير متحرڪ حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ چاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جو دائرو سنڌ صوبي جي ڪن بہ علائقن تائين وڌائي سگهي ٿي.

(4) بورڊ جي هيڊ آفيس ڪراچي ۾ هوندي ۽ بورڊ کي اهڙين جڳهن تي ريجنل آفيسز قائم ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو، جيئن اهو ضروري سمجهي.

(5) بورڊ مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (i) سنڌ جو وڏو وزير | چيئرمين |

| | |
|---|---|
| (ii)پاڻي ۽ پاور جو وفاقي وزير | وائيس چيئرمين |
| (iii) ماليات وارو وفاقي وزير | ميمبر |
| (iv) قانون وارو وفاقي وزير | ميمبر |
| (v) ٿر ريجن مان هڪ عورت ايم اين اي | ميمبر |
| (vi) ٽي صوبائي وزير (حڪومت طرفان نامزد ڪيا ويندا) | ميمبرز |
| (vii) پلاننگ ڪميشن جو ڊپٽي چيئرمين | ميمبر |
| (viii) واٽر اينڊ پاور واري وزارت جو سيڪريٽري | ميمبر |
| (ix) چيف سيڪريٽري سنڌ | ميمبر |
| (x) هڪ ناميارو شخص (حڪومت طرفان نامزد ڪيو ويندو) | ميمبر |
| (xi)ڪوئلو ۽ توانائي ڊولپمينٽ کاتي جو سيڪريٽري | ميمبر |
| (xii) مئنيجنگ ڊائريڪٽر | ميمبر / سيڪريٽري |

(2) حڪومت اضافي ميمبرز شامل ڪري سگهي ٿي يا سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي بورڊ جي

جوڙجڪ تبديل ڪري سگهي ٿي.

(3)بورڊ جي گڏجاڻين جو ڪورم سنڌ مان گهٽ ۾ گهٽ ٽن ميمبرن سميت پنج ميمبرن تي مشتمل هوندو.

(4) بورڊ جون گڏجاڻيون اهڙي طريقي ۽ اهڙي وقت ۽ هنڌ تي رکيون وينديون جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ اهو تہ جيستائين اهڙا ضابطا جوڙيا وڃن، گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت رکيون وينديون ۽ هلايون وينديون ۽ اهڙي طريقي جيئن چيئرمين طرفان طئي ڪيو ويو هجي.

(5) چيئرمين بورڊ جا اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو جيڪي ضروري هجن پر ان سلسلي ۾ استعمال ڪيل اختيار ۽ ڪنيل قدم اهڙي قدم کانپوءِ پهرين گڏجاڻيءَ ۾ تصديق لاءِ بورڊ آڏو پيش ڪيو ويندو.

بورڊ جي ميمبرشپ
Membership of the Board

4.(1) ڪو بہ ماڻهو ميمبر ٿيڻ لاءِ اهل نہ هوندو يا ميمبر طور جاري نہ رکي سگهندو، جيڪو:

(a) جيڪو پاڪستان جو شهري ناهي؛

(b) چريو ٿي ويو هجي يا ذهني توازن وڃائي وينو هجي؛

(c) آهي يا ڪنهن بہ وقت تي بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ سزا بڌائي وئي هجي؛

(d) آهي يا ڪنهن بہ وقت تي ڏيوالو قرار ڏنو ويو هجي؛

(e) آهي يا ڪنهن بہ وقت تي سرڪاري ملازمت ۾ نااهل قرار ڏنو ويو هجي يا سرڪاري ملازمت کان برطرف

ڪيو ويو هجي؛

(f) هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ ڪم ڪري رهيو هجي؛

(g)حڪومت جي اجازت کان سواءِ سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪنهن پروجيڪٽ، اسڪيم يا بورڊ جي ملڪيت ۾ ڪو مالي مفاد هجي.

(2) هڪ نان آفيشل ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ عهدو رکي سگهندو، جيستائين اهو استعيفيٰ نه ڏئي يا اڳواٽ هٽايو نه وڃي ۽ اهو ٻيهر نامزدگي لائق هوندو.

(3) نان آفيشل ميمبر ڪنهن به وقت چيئرمين کي خط ذريعي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو ۽ سندس استعيفيٰ ان تاريخ کان موثر هوندي، جڏهن چيئرمين قبول ڪري.

(4)حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي نان آفيشل ميمبر کي هٽائي سگهي ٿي، جنهن ۾ ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل ڪا به نااهلي هجي.

(5)بورڊ ميمبرز کي اهڙي معاوضي جي اجازت ڏيندو، جيڪو اهو طئي ڪري.

بورڊ جا ڪم
Functions of the Board

5. بورڊ هيٺيان ڪم سرانجام ڏيندو:

(a) سمورين وزارتن، کاتن ۽ حڪومت پاڪستان جي ايجنسيز طرفان ۽ حڪومت سنڌ لاءِ پاليسيز جوڙڻ سان لاڳاپيل معاملن ۾ ون اسٽاپ آرگنائيزيشن طور

ڪم ڪندو.

(b) ٿر ۾ ڪوئلي جي کوٽائي ۽ ڪول فائرڊ پاور جنريشن پلانٽس لاءِ يا ٿر ڪوئلي جي ٻين استعمالن لاءِ پروجيڪٽس جي منظوري ونندو.

(c) سمورين سيڙپڪاري آڇن ۽ سيڙپڪارن کان حاصل ڪيل پروجيڪٽس کي هٿي وٺرائڻ، ڪاٿو لڳائڻ ۽ منظوري ڏيارڻ.

(d) ضروري منظوريون، لائسنسز، اجازتون ۽ ٿر ڪوئلي کي هلائڻ، ڳولڻ ۽ ترقي وٺرائڻ لاءِ ٻيا قانوني ڪاغذ حاصل ڪرڻ ۾ سيڙپڪارن جي مدد ڪرڻ.

(e) سيڙپڪاري پروگرامز جي ترقي ۽ سمورن مرحلن تي پروجيڪٽس جي نگراني ڪرڻ ۽ انٽر ايجنسي ۽ انٽر پراونشل ڪوآرڊينيشن، فوري عملدرآمد ۽ آپريشن کي يقيني بڻائڻ.

(f) ٿر ڪوئلي جي ترقي ونرائڻ لاءِ عالمي ۽ قومي سيڙپڪاري کي همٿائڻ ۽ هٿي ونرائڻ.

(g) تجويز ڪيل پروجيڪٽس جي مالي مدد لاءِ مقامي، پرڏيهي ۽ عالمي ادارن سان سهڪار ڪرڻ ۽ سهولتڪاري ڪرڻ.

(h) وفاقي، صوبائي ۽ ضلعي حڪومتن جي سرگرمين ۾ سهڪار ڪرڻ ۽ سهولتڪاري ڪرڻ ۽ ٿر ڪوئلي سان لاڳاپيل بشمول انفرااسٽرڪچر ڊولپمينٽ جي انهن جي لاڳاپيل ايجنسيز سان سهڪار ڪرڻ ۽ سهولتڪاري ڪرڻ.

(i) لاڳاپيل مقامي ۽ عالمي ايجنسيز سان خط و ڪتابت

ڪرڻ سواءِ اهڙن معاملن جي جن ۾ حڪومت پاڪستان جي ڪمٽمينٽ شامل هجي؛

(j) ٿر ڪوئلي جي ترقي لاءِ سيڙپڪارن لاءِ مالي مراعتون تيار ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(k) ٿر ڪوئلي جي ترقي سان لاڳاپيل معاملن تي بحث، نظرثاني، حل لاءِ لاڳاپيل حڪومتي ايجنسيز جون خاص گڏجاڻيون ڪوٺائڻ؛

(l) ٿر ڪوئلي جي ترقي سان لاڳاپيل عالمي تنظيمن سان ڪنهن ضروري الحاق جي منظوري ڏيڻ؛

(m) ڪوئلي جي قيمت طئي ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ؛

(n) مقامي ۽ پرڏيهي ڪرنسيز ۾ بئنڪ اڪائونٽس کولڻ ۽ هلائڻ؛

(o) سيڙپڪارن کي فراهم ڪيل ڪن خدمتن لاءِ فيس وٺڻ يا لڳائڻ؛

(p) ٿر ڪوئلي جي اهميت ۽ موقعن ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ ۾ مارڪيٽنگ کي ترقي ڪرائڻ، اميج بلڊنگ ۽ عوامي رابطن جي حڪمت عملي ۽ ان جي سرگرمين کي عوام تائين ڦهلائڻ؛ ۽

(q) ٿر ڪوئلي جي ذخيرن جي ترقي سان لاڳاپيل ٻيا ڪي ڪم.

حصو_III
بورڊ جا عملدار ۽ عملو
Part_III
Officers and Staff of the

## حصو_III

## بورڊ جا عملدار ۽ عملو

## Part_III

Board

## Officers and Staff of the Board

عملدار ۽ عملي جي ملازمت
Employment of Officers and Staff

6.(1) بورڊ، اهڙا عملدار، عملو، صلاحڪار يا ماهر رکي سگهي ٿو، جيڪي اهو پنهنجي ڪمن جي ادائگيءَ لاءِ ضروري سمجهي.

(2)بورڊ پنهنجي عملدارن، عملي، صلاحڪارن ۽ ماهرن جي مقرري ۽ شرطن ۽ ضابطن لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو.

(3)بورڊ پنهنجي عملدارن، عملي، صلاحڪارن ۽ ماهرن خلاف انتظامي قدم کڻڻ لاءِ مجاز هوندو.

بورڊ جي مئنيجمينٽ ۽ سيڪريٽريٽ
Management and Secretariat of the Board

7. (1) هڪ ايگزيڪيوٽو مئنيجمينٽ هوندي جيڪا بورڊ جي ڪمن جي ادائگي ۾ بورڊ جي مدد ڪندي، جيڪا مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ ٻين عملدارن تي مشتمل هوندي، جنهن ۾ شامل هوندو عملو جيئن بورڊ طرفان مقرر ڪيو ويو هجي. مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايگزيڪيوٽو مئنيجمينٽ جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر هوندو.

(2) حڪومت بورڊ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر طور هڪ عملدار جيڪو بي ايس-20 جي عهدي کان گهٽ نه هوندو يا نجي سيڪٽر مان موزون شخص مقرر ڪري سگهي ٿي.

(3)هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، مئنيجنگ ڊائريڪٽر:

(a)حڪمت عملين ۽ بورڊ جي فيصلن تي عملدرآمد لاءِ

ذميدار هوندو.

(b)بورڊ جي روز مرهہ جي معاملن جو ذميدار هوندو ۽ بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(c)بورڊ جي مالي ۽ ايگزيڪيوٽو انتظاميہ جي نگراني ڪندو ۽ سونپيل سموريون ذميداريون سرانجام ڏيندو ۽ هن ايڪٽ تحت سونپيل يا منتقل ڪيل سمورا اختيار استعمال ڪندو.

(d)بورڊ جي عملي تي انتظامي ضابطو استعمال ڪرڻ جو اختيار هوندو. ۽

(e)اهڙو ٻيو ڪو ڪم سرانجام ڏيندو. جيڪو ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

حصو_IV
فنڊ
Part_IV
Fund

## حصو_IV

## فنڊ

## Part_IV

## Fund

بورڊ جو فنڊ
Fund of the Board

8.(1) بورڊ جو هڪ فنڊ هوندو. جيڪو مشتمل هوندو:

(a)حڪومت يا ڪنهن مقامي باڊي کان مليل گرانٽس ۽ سبسڊيز.

(b)قانون موجب حڪومت جي منظوري سان بورڊ طرفان گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض. ۽

(c)هن ايڪٽ تحت وصولي لائق في ۽ ٻيون چارجز.

(2) فنڊ ۾ جمع ڪيل رقم بورڊ طرفان منظور ڪيل

ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ ۾ جمع ڪئي ويندي.

(3) فنڊز هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا بشمول عملي ۽ صلاحڪارن جي پگهارن ۽ معاوضن, روز مرهہ جي معاملن کي هلائڻ جي ٻين خرچن ۽ ان سلسلي ۾ قرضن ۽ وياجن جي ادائگي لاءِ, جيڪڏهن ڪي هجن.

اڪائونٽس جي مينٽيننس
Maintenance of Accounts

9.بورڊ اڪائونٽس اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت رکندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

آڊٽ
Audit

10. بورڊ جا اڪائونٽس هر سال آڊيٽر جنرل پاڪستان طرفان آڊٽ ڪيا ويندا, ان سان گڏ چارٽرڊ اڪائونٽنٽس جي فرم طرفان آڊٽ ڪيا ويندا ۽ ڪمپنيز آرڊيننس, 1984 تحت شامل ڪمپنيز تي لاڳو ڪرڻ لائق گهرجن تي عمل ڪيو ويندو.

رهتن جي بازيابي
Recovery of dues

11.ڪنهن شخص, باڊي يا تنظيم طرفان بورڊ ڏانهن ادائگي لائق سموريون رقمون ليند روينيو جي رهتن طور حڪومت طرفان اوڳاڙي لائق هونديون.

حصو_V
متفرقات
Part_V
Miscellaneous

## حصو_V

## متفرقات

## Part_V

## Miscellaneous

**دائره اختيار تي پابندي**
**Jurisdiction barred**

12. (1) هن ايڪٽ تحت ڪجهه ڪرڻ يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي ڪو فيصلو ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ يا ڪا ڪارروائي ڪرڻ جو دائره اختيار نہ هوندو.

(2)هن ايڪٽ تحت ڪنيل ڪو قدم يا ڪيل ڪارروائي يا جاري ڪيل حڪم صرف انهن بنيادن تي غير موثر نہ هوندو تہ:

(a)بورڊ يا ڪنهن ڪميٽي ۾ ڪا آسامي، يا انهن جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾؛
(b)ڪنهن بہ شخص کي نوٽيس جي عدم فراهمي جتي مڪمل انصاف ڪيو ويو هجي؛ ۽
(c)ڪجهه ختم ڪرڻ، نقص يا بي قاعدگي ڪنهن ڪيس جي ميرٽ کي متاثر نہ ڪندي هجي.

**ضمانت**
**Indemnity**

13. هن ايڪٽ تحت ڪجهه بہ ڪرڻ يا ڪجهه بہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، بورڊ يا ڪنهن ٻئي شخص خلاف ڪو مقدمو يا ڪا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

**اوور رائيڊنگ گنجائشون**
**Overriding Provisions**

14. هن ايڪٽ جون گنجائشون يا ان تحت جوڙيل قاعدا ۽ ضابطا موثر هوندا جيستائين ڪجهه ڪنهن ٻئي قانون، قاعدن يا ضابطن جي متضاد نہ هجي.

**ضابطا جوڙڻ جو اختيار**

15. بورڊ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن

Power to make regulations

ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو، جيڪي هن ايڪٽ ۽ ان تحت جوڙيل قاعدن موجب هجن.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

16. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي، جيڪي هن ايڪٽ موجب هجن.

تحفظ
Saving

17. هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ حڪومت طرفان جاڙايل ٿر ڪوئلو ۽ توانائي بورڊ هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل سمجهيو ويندو ۽ ان سلسلي ۾ ڪيل سمورا حڪم، ڪارروايون ۽ ڪنيل قدم تيستائين لاڳو رهندا جيستائين انهن کي تبديل ڪيو، منسوخ ڪيو يا مجاز اختياري طرفان ترميم ڪيو وڃي.

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of Difficulties

18. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي تہ حڪومت بورڊ جي سفارشن تي اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿي، جيڪي جاڙايل گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن، جيئن اها اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ لاءِ ضروري سمجهي.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**